# دستورِ وطن

**خاص اشاعت**

23 مارچ 2023ع




”(گڏيل هندستان جي) مختلف
جاگرافيائي اڪائين جي اهڙي
وحدت قائم ڪجي، جو ضرورت
مهل علائقائي تبديليءَ سان اهڙي
شڪل اختيار ڪن جو جن علائقن
۾ مسلمان عددي لحاظ کان
اڪثرت ۾ آهن، انهن کي گڏي
آزاد ملڪ وجود ۾ آڻجي.“

اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ



وڏي وزير سيد مراد علي شاھ جي سربراهي ۾ سنڌ ڪابينہ ميمبر
پاڪستان ڏهاڙي تي مزار قائد تي حاضري بعد دعا گهري رهيا آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ 23 مارچ تي
مزار قائد تي مهمانن واري ڪتاب ۾ تاثرات لکي رهيو آهي.

# 23 مارچ: دستورِ وطن

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ
.........
نگران
**نديم الرحمان ميمڻ**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
.........
چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر انفارميشن پبليڪيشن
.........
ايڊيٽر
**ارم ملڪ**
ڊپٽي ڊائريڪٽر
.........
**علاب علي ڏيٽو**
انفارميشن آفيسر
.........
**رقيہ خانم**
انفارميشن آفيسر
.........
معاون
**علي حسن چانڊيو**
.........
ڪمپيوٽر لي آئوٽ
**سيد آفاق شاھ**

ڇپائيندڙ: **اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ**
ڊائريڪٽوريٽ آف پبليڪيشن، اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ 4B، ڪراچي 74200
فون: 02199202610
**Website:** www.information.sindh.gov.pk/publications
**Email:** publication.sid@gmail.com
**Twitter:** www.twitter.com/Publication_sid
**Facebook:** www.facebook.com/publication.sid

ڇاپيندڙ: **پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس:**404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي. فون: 0300-2152634

# فهرست


- 23 مارچ: دستورِ وطن (پنهنجي پاران) — منصور احمد راجپوت — 3
- قراردادِ پاڪستان: ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ آزاد وطن جو دستاويز — سليم انور عباسي — 5
- 23 مارچ 1940ع: قصو قرارداد پاڪستان جو — فرحان تنيو — 10
- 23 مارچ قرارداد پاڪستان: مسلمانن جي حقن جي ضمانت — حبدار علي — 14
- 23 مارچ: پاڪستان جو ٺاهه ۽ پاڪستانيت — فرح ناز — 20
- پاڪستان جو ٺهراءُ ۽ سنڌ جي متحرڪ سياسي قيادت — حبيب الرحمان چٽو — 24
- پاڪستان جي ساڀيان لاءِ سنڌ جو ڪردار — امام ڏنو — 29
- 23 مارچ 1940 جو ٺهراءُ، نئين ملڪ جي آزادي جو بنياد — الهه بخش رانوڙ — 34
- 23 مارچ قرارداد پاڪستان — نور افشان — 39
- قرارداد پاڪستان ۽ آزاديءَ جو وچن — قربان حسين — 42
- 23 مارچ قيام پاڪستان جي باضابطا شروعات — محمد ياسين — 46

حصہ اردو

- قیامِ پاکستان کا مطالبہ اور مسلمانوں کا قائدِ اعظم پر مکمل اعتماد — یسریٰ سلیم — 50
- تحریکِ پاکستان ایک عظیم الشان کامیاب تحریک — سید عامر حسین — 55
- جداگانہ تشخص اور قیامِ پاکستان — شہناز اختر — 59
- یوم جمہوریہ پاکستان ڈے پریڈ — محمد سلمان — 62
- تحریکِ پاکستان کی سرگرم خاتون کارکن نورالصباح بیگم — قرۃ العین ذیشان — 67
- سرسید کی علی گڑھ تحریک پاکستان کی تحریک کا نکتہ آغاز — اطہر بیگ — 71
- 23 مارچ 1940ء کا دن تاریخ کے آئینے میں — نسرین اختر — 75
- تقسیمِ ہند کا اعلان اور لارڈ بیٹن کا جانبدرانہ کردار — سید محسن علی — 81
- بلوچستان میں برطانوی حکمرانوں کے خلاف بغاوت: نورا مینگل کی جدوجہد — محمد سمیع اللہ — 85

- The Final Transfer of Power by Lord Mountbatten — Mohsin Ali — I
- Historic Resolution of the Sind Assembly and 14 Points — Asfana Badar — III
- Great Leader of Freedom Sir Abdullah Haroon — Mohammad Salman — VI

پنهنجي پاران

# 23 مارچ: دستورِ وطن

قومن جي زندگيءَ ۾ اهڙن ڏهاڙن کي خصوصي اهميت حاصل هوندي آهي، جن ۾ انهن کي پنهنجي اجتماعي مقصدن ۽ آجپي لاءِ ڪئن جدوجهد جي صلي ۾ جوش ۽ ولولو حاصل ٿيو هجي ۽ اها قوم ڪاميابيءَ ڏانهن هڪ قدم اڳتي وڌي وئي هجي. اهي ڏهاڙا تاريخ ۾ قومي ڪئلينڊر طور ياد رکيا ويندا آهن. 23 مارچ پڻ اسان لاءِ نہ رڳو اهڙي نوعيت جون ڏينهن بلڪ ”دستور وطن“ طور ياد رکيو وڃي ٿو.

23 مارچ 1940ع تي آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور ۾ منعقد ٿيل اجلاس ۾ انهيءَ عزم کي پهريون ڀيرو هڪ باضابطا ٺهراءَ جي صورت ۾ منظر تي آندو ويو تہ ننڍي کنڊ جا مسلمان هاڻي غير ملڪي تسلط ۽ هندن جي بالادستيءَ هيٺ رهڻ لاءِ هرگز تيار نہ آهن. جلد ئي ان مطالبي کي وڏي پئماني تي پذيرائي حاصل ٿي ۽ 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان دنيا جي نقشي تي اڀريو. انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ آسان نہ هو پر هڪ قوم جي مضبوط ارادي، پختي يقين ۽ قائداعظم جهڙي عظيم اڳواڻ جي قيادت ۾ منظم جدوجهد ۽ لازوال قربانين ان خواب کي حقيقت ۾ بدلائي ڇڏيو. 23 مارچ جي ڏهاڙي کي ”يوم پاڪستان“ طور ملهائڻ جو هڪ مقصد اهو بہ آهي تہ جيئن اسان جو نئون نسل ان تاريخي حقيقت کان بخوبي آگاهہ ٿي سگهي تہ برصغير جي مسلمانن قائداعظم جي اڳواڻيءَ ۾ تمام ڏکي ۽ صبر آزما جدوجهد ۽ ناقابل فراموش قربانين ڪانپوءِ غير ملڪي تسلط کان هميشہ جي لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. ان ڏينهن ملڪي توڙي صوبائي سطح تي تقريبون ڪوٺائي تحريڪ پاڪستان جي هيروز کي خراج تحسين پيش ڪيو ويندو آهي. 23 مارچ جي ڏهاڙي تي پاڪستان جو ٻچو ٻچو پنهنجي وطن سان بي انتها محبت جو اظهار جلسن جلوسن ۽ سيمينارن ۾ شرڪت وسيلي ڪندو آهي. ان موقعي تي هر طرف ساون جهنڊن جي بهار ماحول کي معطر ڪري ڇڏيندي آهي، جهڙو ڪر هيءُ ڏينهن اسان لاءِ عيد وانگر خوشين ڀريو ڏهاڙو هوندو آهي.

هر سال وانگر هن سال 23 مارچ 2023ع جي موقعي تي پڻ سڄي ملڪ ۾ ڀرپور جوش ۽ جذبي تحت ”پاڪستان زنده باد“ جي نعرن سان وطن سان محبت ۽ ان جي دفاع جو وچن ورجايو ويندو.

اطلاعات کاتي حڪومت سنڌ پاران شايع ڪيل هن خاص اشاعت جو مقصد آزاديءَ واري جدوجهد جي هن اهم ڏينهن سان لاڳاپيل اسان جي قومي هيروز کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۽ مسلمانن لاءِ ڌار وطن جي مطالبي جو بنياد بڻجندڙ تاريخي رڪارڊ کي نئين نسل اڳيان پيش ڪرڻ آهي. اُميد تہ عالمن، اديبن ۽ پڙهندڙن کي اسان جي هيءَ ڪاوش قبول پوندي.

**منصور احمد راجپوت**

ڊائريڪٽر انفارميشن پبليڪيشن

اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ

## قائد اعظم فرمايو:

”هندو ۽ مسلمان ٻه فرقا نه ، پر ٻه قومون آهن. انهيءَ ڪري هندستان ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلا فرقيوارانا نه پر عالمي نوعيت جا آهن. هندستان جا مسلمان آزادي چاهين ٿا، پر اهڙي آزادي نه، جنهن ۾ هو ڪنهن جا غلام بڻجي وڃن. هتي اولهه جي طرز جي جمهوريت ڪامياب نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته هندستان ۾ صرف هڪ قوم نٿي رهي. جيئن ته هندو اڪثريت ۾ آهن، ان جي ڪري ڪنهن به آئيني تحفظ سان مسلمانن جي مفادن جي حفاظت نٿي ٿي سگهي. مسلمانن جي مفادن جو تحفظ صرف هن طرح ٿي سگهي ٿو ته هندستان کي هندو ۽ مسلم انڊيا ۾ ورهايو وڃي. هندو -مسلم مسئلي جو صرف اهوئي حل آهي. جيڪڏهن ٻيو ڪو حل مڙهيو ويو ته مسلمان اهو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا.“

(22 مارچ 1940ع تي لاهور جي منٽو پارڪ ۾ قائداعظم جو آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانې اجلاس کي تاريخي خطاب)

# قراردادِ پاڪستان: ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ آزاد وطن جو دستاويز

سليم انور عباسي



اسلامي جمهوريہ پاڪستان اسان جي اڪابرن جي انهن ڪوشش جو ثمر آهي، جن هندستان تي راڄ ڪندڙ انگريزن تي پڌرو ڪيو تہ هن ننڍي کنڊ جون ٻہ قومون مسلمان ۽ هندو آهن جن جي ٻولي، صورتخطي، ثقافت ۽ ريتن رسمن ۾ واضح فرق آهي. اهڙو شعور سگهارو ڪرڻ ۾ سنڌ واسي اڳڀرا رهيا. لاهور جي منٽو پارڪ ۾ 1940ع جي 23 مارچ تي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ پاڪستان جو ٺاهہ پيش ڪرڻ کان اڳ آڪٽوبر 1938ع تي ڪراچي ۾ مسلم ليگ جو اجلاس ٿيو جنهن جي صدارت قائداعظم محمد علي جناح ڪئي، جتي سر عبدالله هارون پهريون ڀيرو مطالبو ڪيو تہ انڊيا جي مسلمانن لاءِ مادر وطن جو هڪ ڌار حصو هجي تہ جيئن ٻن وڏين قومن جي حقن کي محفوظ ڪري سگهجي. تنهن ڪري آئون آل انڊيا مسلم ليگ کي سفارش ڪندس تہ هوءَ پنهنجي آئين ۾ اهڙي اسڪيم جوڙين جنهن وسيلي مڪمل آزادي حاصل ڪري سگهجي.

انهيءَ تجويز ڪانپوءِ ئي مسلمان ۽ هندو ”ٻہ قومي نظرئي“ جنم ورتو جنهن کي پوءِ آل انڊيا مسلم ليگ سترهن مهينن بعد پاڪستان جي حتمي مقصد تائين پڄايو.

پاڪستان جي جدوجهد جو وڏو سنگ ميل لاهور مسلم ليگ اجلاس ۾ پاڪستان جو مطالبو ۽ نعرو هو: مسلم آهِن تہ ليگ ۾ آهي. ڪانگريس انگريز جي ٺاهيل هندن جو سياسي پليٽ فارم هو پر آل انڊيا مسلم ليگ

کانگريس انگريز جي ٽاهيل هندن جو سياسي پليٽ فارم هو پر آل انديا مسلم ليگ پارٽي مسلمانن جي سياسي جماعت هئي جنهن قائداعظم محمد علي جناح جي سرواڻيءَ ۾ قانوني آئيني حقن جي جنگ وڙهندي مسلم اڪثريتي حصن کي ڌار وطن طور اپارڻ ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو.

پارٽي مسلمانن جي سياسي جماعت هئي جنهن قائداعظم محمد علي جناح جي سرواڻيءَ ۾ قانوني آئيني حقن جي جنگ وڙهندي مسلم اڪثريتي حصن کي ڌار وطن طور اپارڻ ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو. پاڪستان جي مطالبي تان هٿ ڪڍڻ لاءِ قائداعظم تي گهڻا حيلا هلايا ويا پر اڏول جناح ڪنهن به مصلحت کان ڇتي نابري واري ۽ پوءِ جڏهن قائداعظم ڊائس تي اچي قانوني ۽ آئيني توريل تڪيل جملن سان انگريزيءَ ۾ تقرير ڪئي ته انگريزن کي به مٺو پيو ته ٻيلي! مڄڻ مراد آهي. سڪ ۽ شانتي به تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي جڏهن حقدارن کي سندن حق ملندا.

قائداعظم چيو:

”هندستان جي مسئلي جو حل فرقن منجهه ناهي پر بين الاقوامي آهي ۽ ان کي بين الاقوامي تسليم ڪري ان جو حل ڳوليو وڃي، مسلم هندستان ڪوبه اهڙو آئين قبول نه ڪندو جنهن جو لازمي نتيجو هندو اڪثريت هجي.“

قائداعظم ان موقع تي آيل مهمانن کي اِها خوشخبري به ٻڌائي ته مسلم ليگ جون شاخون هر صوبي ۾ قائم ٿي چڪيون آهن ۽ اسان کي سيني قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ طاقتور مخالفن آڏو سوڀ ملي آهي، جڏهن ته يو پيءَ ۾ سؤ سيڪڙو مسلم ليگ سيٽون کٽيون آهن. هٿ مون کي اهو ٻڌائيندي خوشي محسوس ٿي ٿئي ته مسلم ليگ تيزيءَ سان مقبوليت جا ڏاڪا چڙهي رهي آهي.

قائداعظم جي قيادت ۾ جيڪو سڀ کان اهم ڪم ٿيو اُهو اِهو ته مسلم ليگ ۾ عورتن جي هڪ جهڙن حقن لاءِ قائداعظم آواز اُٿاريندي ياد ڏياريو ته:

اوهان کي ياد رکڻ گهرجي ته اسان جي ڪلهن تي ڪنيل ذميوارين منجهان هڪ هيءَ به آهي ته نه رڳو مسلم ليگ کي سڄي انڊيا ۾ آرگنائيز ڪيو پر پٽنا سيشن ۾ رٿيل ليڊيز ڪاميٽيءَ کي به ياد ڪيو. اهو انتهائي



ضروري آهي تہ زندگيءَ ۾ موت جي هن ويڙهہ ۾ عورتون بہ ڪلهو ڪلهي سان ملائي گڏوگڏ هجن. عورتن جي سينٽرل ڪاميٽي صوبائي ضلعي سطح تي عورتن جي شموليت کي يقيني بڻائيندي وڏ ڪان وڏ ميمبر سازي ڪري، چو تہ پارٽي عورتن ۾ سياسي شعور جي بيدار ٿيڻ سان ئي مسلم معاشري کي سگهہ ملندي. قائداعظم جي اهڙي مدبراڻي سوچ جو اولڙو اڄڪلهہ عورتن جي طاقت ۽ خودمختياري جي صورت ۾ نظر آيو.

لاهور سيشن ۾ قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي تقرير ۾ چٽن لفظن ۾ چئي ڏنو تہ 1935ع جو انڊين ايڪٽ اسان جي حقن جي ترجماني نٿو ڪري. اڪثريتي بنياد تي ووٽ حق ۾ هندستان جا مسلمان پنهنجي تڪ ۾ تر ۾ اڪثريت هوندي بہ اقليت ۾ هوندا. تنهن ڪري هندستان جي مسلم اڪثريتي علائقن جي وفاق سان مسلم رياست جوڙي وڃي جنهن جا يونٽ خودمختيار ۽ پاڻ پرا هجن.

ارڙهين ترميم وسيلي صوبائي خودمختياري اُن خواب جي تعبير آهي. هاڻ رڳو هڪ ٻئي سان ميٺ محبت کي وڌائي اڳتي وڌڻو آهي. چو تہ پاڪستان اسان لاءِ الله جي وڏي نعمت ۽ 23 مارچ اسان لاءِ پاڻ ۾ ٻين سان مخلص ٿي رهڻ ۽ تجديد وفا جو ڏينهن آهي. اِن مناسبت سان اسان کي اڳوڻي صدر پاڪستان آصف علي زرداريءَ جي انهن جملن کي بہ جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻي پوندي تہ اسان تہ افغانين، بنگالين، برمين کي بہ پناهہ ڏني پر جي هن پياري ملڪ جي وفاق تي ڪا

23 مارچ اِهو سوچڻ جو ڏينهن به آهي ته مُنيءَ کانپوءِ به ملڪي ادارا گهربل مضبوطي حاصل ڇو نه ڪري سگهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ وفاق جي سڀني اڪائين کي هڪ ٻئي سان سلهاڙجي سياسي، تعليمي، سماجي، معاشي، ادبي ۽ ثقافتي ميدان ۾ پاڻ ملهائي دنيا کي ڏيکارڻو آهي ته واقعي ننڍي کنڊ واسي ڪيرڪنڊ آهن. اسان کي هڪ ٻئي جي معاشي، مذهبي، لساني، تعليمي ۽ ثقافتي حقن ۽ فرضن لاءِ مِڙي مُٺ، ٿيڻو پوندو.

هلان ٿي ته پوءِ اسان کي ڪوبہ پناهہ ڪونہ ڏيندو. اسان کي اِهو سوچڻو پوندو ته وڌندڙ آبادي ۽ گهٽندڙ وسيلن کي ڪهڙي دانش منديءَ سان منهن ڏيڻو آهي. وسيلن تي قبضي جي ويڙهہ ۾ سپر پاور آمريڪا نائين اليون جي آڙ ۾ افغانستان تي قبضو ڄمايو. عراق کانپوءِ، شام جو ٻرندڙ مسئلو سامهون آيو. بارود جي گرميءَ سڄي ڌرتيءَ کي ٿامڙي ڪري ڇڏيو آهي. عالمي گدلاڻ فطرت جا ڪنڊا ڪٽي ڇڏيا آهن. تيزيءَ سان موسم جي تبديليءَ پاڻي ۽ اناج جي کوٽ پيدا ڪئي آهي. هڪ مانيءَ جي ٻُڪي لاءِ 10-10 هٿ اڳتي آهن. ايشيا ۽ آفريقا جا ڏتڙيل ملڪ ترقي يافتہ دنيا جا ٻُيجهو آهن. تہ پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ اسان ڇو پوئتي آهيون.

اِهو سوال اسان کي پاڻ کان پڇڻ گهرجي. هر سال 23 مارچ تي پاڪستان جو ڏهاڙو ملهايون ٿا. پاڻ کي سڌارڻ لاءِ وڏا وعدا ڪيون ٿا تہ اڄ کانپوءِ اسين تعليم ۽ هنر تي ڌيان ڏينداسين پر ٻئي ڏينهن سڀ ڪجهہ وساري، سڀئي تقريرون، لڪتون ۽ واعدا پاسي تي رکي وري ساڳي ڪرت کي لڳي ويندا آهيون.

23 مارچ پنهنجي ذات سان سچو ٿي رهڻ جي يادگيري آهي پاڻ کي ڪيئن فن، فڪر ۽ ٽيڪنالوجيءَ ۾ اڳ کان اڳرو ڪجي. اِن ۾ ڪابہ ايڏي وڏي ترڪتالي ناهي رڳو، ڪرڻ جي نيت هجي. ڏيئو پاڻ هرتو ٻري ويندو آهي. محبت جي لاٽ سنڌ سپيتا جو مَرڪ آهي جنهن دنيا کي علم جي سوجهري سان منور ڪيو. دنيا جي پهرين امن پسند انڊس ويليءَ ست هزار سالن کان عالم کي سوجهرو ڏنو، هر دور ۾ ٻاهران آيل ماڻهو سنڌو درياهہ جو پاڻي پي پاڻ کي سنڌ واسي



سڏايو. جيڪو هماليہ جبل جي برف پوش چِپن جي پگهرجڻ سان تبت لداخ کان ٿيندي جتي سڄي پاڪستان جي اُڃ اجهائي ٿو. اُتي ساڳئي ڪوهہ هماليہ منجهان گنگا جمنا جي ڌارا وَهي ٿي، هن ڌرتي تي کوڙيل اجگر پهاڙن ۾ ڪابہ سرحد ناهي. فطرت، ڌرتي، پاڻي، اُنس پيئو هڪ ئي آهن پر انسان اُهو ابوجهہ پرمتڙيو آهي جنهن وٽ مفاد جي تضاد کي هٿي ڏيڻ جا سوين ساڻ آهن. اِها ڳالهہ هاڻي فطرت انسان کي سمجهائي ڇڏي آهي تہ اسان جو چاڙهو گڏيل ميٺ محبت، حب، اکير ۽ امن ۾ آهي، تاريخ جي پنن تي قبضي خورن جي تاريخ رتوڇاڻ رهي آهي پر هر دور ۾ انسانيت جو احترام مٿيرو رهيو آهي.

قائداعظم محمد علي جناح واري اِها اڳڪٿي بہ پوري ٿي تہ هڪ وقت اهڙو ايندو جڏهن نہ مسلمان، مسلمان، نہ هندو هندو رهندو، سيئي هوندا. دنيا گلوبل وليج ٿي چڪي آهي پر اسين اڄ بہ ٽيڪنالوجيءَ جي سگهہ کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهيا آهيون. اسان انفرادي طور تہ روشن خوشحال پاڪستان جوڙيو آهي جتي دانشورن ۽ سائنسدانن پاڪستان جا منهن مهانڊا فضليت پرِيا ڪيا پر اسان پنتي پيل، ڪنهن بہ ڪارڻ بيوس، ڌتڙيلن جي پر گهور ناهي لڌي. اسين پنهنجي علم ۽ هنر کي واپار ۾ ڪتب آڻيندي پنهنجي دولت ۽ ناڻي ۾ تہ واڌارو آڻيون ٿا پر باعزت روزگار جو سيٽ اپ قائم ڪرڻ ڪنهن سان سهڪار ناهيون ڪندا، سڄو زور خيرات ۽ لنگر خاني تي آهي.

23 مارچ اسان سڀنن لاءِ پنهنجو پاڻ کي سڌارڻ ۽ حقيقتون تسليم ڪرڻ جو ڏينهن آهي.

23 مارچ اِهو سوچڻ جو ڏينهن بہ آهي تہ مُنيءَ ڪانپوءِ بہ ملڪي ادارا گهربل مضبوطي حاصل ڇو نہ ڪري سگهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ وفاق جي سڀني اڪائين کي هڪ ٻئي سان سلهاڙجي سياسي، تعليمي، سماجي، معاشي، ادبي ۽ ثقافتي ميدان ۾ پاڻ ملهائي دنيا کي ڏيکارڻو آهي تہ واقعي ننڍي کنڊ واسي کيرکنڊ آهن. اسان کي پنهنجي عزت ڪرڻي پوندي، ”پلي ٻُکَ پِرَمَ جي، شَل نہ وڃي شان“ جو نعرو هڻي هڪ ٻئي جي معاشي، مذهبي، لساني، تعليمي ۽ ثقافتي حقن ۽ فرضن لاءِ مِڙي مُٺ، ٿيڻو پوندو.

○

# 23 مارچ 1940ع
# قصو قرارداد پاڪستان جو

**فرحان ٽتيو**



23 مارچ 1940ع جو ڏينهن ننڍي کنڊ جي ڪروڙين مسلمانن لاءِ هڪ تاريخي ڏهاڙو ثابت ٿيو چاڪاڻ تہ ان ڏينهن تي لاهور جي هاڻوڪي اقبال پارڪ (ان وقت جي منٽو پارڪ) ۾ منعقد ڪيل آل انڊيا مسلم ليگ جي تاريخي اجلاس ۾ (جيڪو 22 کان 24 مارچ تائين جاري رهيو) هڪ اهڙي قرارداد منظور ڪئي وئي جنهن ۾ گڏيل هندستان کي ٻن حصن ۾ ورهائي مسلمانن لاءِ ڌار ملڪ ٺاهڻ جي گهر ڪئي وئي هئي. قائداعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ ٿيل آل انڊيا مسلم ليگ جي ٽن ڏينهن تي ٻڌل ان ساليانی اجلاس ۾ گڏيل هندستان جي ڪنڊڪڙڇ مان اٽڪل 50 هزار نمائندن شرڪت ڪئي هئي. ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ ان اجلاس ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ان وقت جي چوٽيءَ جي اڳواڻن جوشيلا خطاب ڪري ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ مسلمانن لاءِ ڌار ملڪ حاصل ڪرڻ جي حمايت ۾ دليل ڏنا هئا.

آل انڊيا مسلم ليگ جي ان 27هين ساليانی اجلاس جي اهميت اڄ سوڌو برقرار آهي ۽ هر سال 23 مارچ تي سرڪاري توڙي غير سرڪاري سطح تي تقريبون منعقد ڪري مسلم ليگ جي انهن اڳواڻن کي ياد ڪري ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي ويجي ٿي. ان تاريخي اجلاس ۾ شعلہ بيان بنگالي اڳواڻ



مولوي فضل الحق 23 مارچ 1940ع تي هڪ متفقہ قرارداد پيش ڪئي، جيڪا تاريخ ۾ پهرين "قرارداد لاهور" ۽ پوءِ "قرارداد پاڪستان" جي نالي سان مشهور ٿي. ان ٺهراءَ ۾ ننڍي کنڊ جي ڪروڙين مسلمانن جي سياسي مستقبل جو فيصلو ڪندي اها گهر ڪئي وئي تہ برطانوي سرڪار گڏيل هندستان ڪي ٻن حصن ۾ ورهائي مسلمانن کي آزاد ملڪ فراهم ڪري ڇاڪاڻ تہ مسلمان واضح اقليت ۾ آهن. تنهن ڪري سندن آئيني، قانوني، مذهبي ۽ ثقافتي حق محفوظ نہ رهي سگهندا. "قرارداد لاهور" جو اردو ترجمو مولانا ظفر علي خان پيش ڪيو ۽ ان جي حمايت چوڌري خليق الزمان، خان اورنگزيب خان، سر حاجي عبدالله هارون، نواب اسماعيل خان، قاضي محمد عيسيٰ، بيگم مولانا محمد علي جوهر ۽ آءِ آءِ چندريگر ڪئي.

## قرارداد لاهور جو مڪمل متن:

1. آل انڊيا مسلم ليگ جو هي ساليانو اجلاس، آئيني مسئلن تي 27 آگسٽ، 17 ۽ 18 سيپٽمبر ۽ 22 آڪٽوبر 1939ع توڙي 3 فيبروري 1940ع جي قراردادن جي روشنيءَ ۾ اها گهر ڪري ٿو تہ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع ۾ شامل وفاق جي تجويز، هن ملڪ جي مخصوص حالتن ۾ مڪمل طور نامناسب ۽ عمل نہ ڪرڻ جوڳي آهي.
2. ڪوبہ آئيني منصوبو هن ملڪ ۾ عمل ڪرڻ جوڳو يا مسلمانن لاءِ قبول ڪرڻ جوڳو نہ هوندو جيستائين جاگرافيائي طور تي متصل اڪائين جي حدبندي نہ ٿي ڪئي وڃي، انهن خطن ۾ جتي مسلمانن عددي اڪثريت ۾ آهن، جهڙوڪ هندستان جي اترين، اولهندن ۽ اوڀر وارن علائقن ۾، انهن کي "آزاد رياستن" جي شڪل ڏني وڃي؛ جن ۾ اهي سموريون اڪائيون آزاد ۽ خودمختيار هجن.
3. آئين ۾ مسلمان اڪائين ۽ خطن ۾ غير مسلم اقليتن ۽ ٻين علائقن ۾ مسلم اقليتن جي مذهبي، ثقافتي، اقتصادي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن توڙي مفادن جي تحفظ لاءِ گڏيل مشاورت سان مناسب ۽ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضمانت ڏني وڃي.



4. آئين ۾ اها گنجائش رکي وڃي تہ مسلم خطا، دفاع، پرڏيهي معاملن، مواصلات تي عملدرآمد ۽ ٻين ضروري معاملن جي اختيارن مٿان قابض ٿي سگهن.

لاهور ۾ منعقد ڪيل آل انڊيا مسلم ليگ جي ان سالياني اجلاس ۾ پنهنجي صدارتي تقرير دوران قائداعظم محمد علي جناح هندستاني مسلمانن جي تاريخ بابت تفصيلي ڳالهائيندي چيو تہ: ”هندستان ۾ رهندڙ هندن ۽ مسلمانن جا مختلف مذهبي فلسفا آهن، ٻنهي جو سماج الڳ الڳ آهي ۽ ٻنهي جو ادب بہ هڪٻئي کان مختلف آهي، اهي هڪٻئي سان شادي نہ ڪندا آهن، نہ وري هڪ ٻئي سان گڏجي کائڻ پسند ڪندا آهن. متضاد تصورن جي بنياد تي ٻن مختلف تهذيبن سان تعلق رکن ٿا. سندن زندگيءَ جو تصور ۽ زندگي گذارڻ جو رنگ ڍنگ بنهہ مختلف آهي. اها حقيقت آهي تہ هندو ۽ مسلمان ٻن مختلف تاريخن مان پنهنجي لاءِ جوش ۽ جذبو حاصل ڪن ٿا. ٻنهي جو جنگي ادب بہ مختلف آهي. سندن مشاهير مختلف آهن ۽ سندن تاريخ، سرمايو بہ هڪٻئي کان ڌار ڌار آهي. اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ هڪ جا هيرو ٻئي جا دشمن هوندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح انهن جي فتح ۽ شڪست هڪ ٻئي لاءِ مختلف هوندي آهي. ٻن قومن جي سلطنت جي هڪ نظام ۾ ضم ٿي وڃڻ، جتي هڪ عددي اقليت ۽ ٻي اڪثريت هوندي، نہ رڳو پاڻ ۾ دشمني وڌندي، پر آخرڪار اهڙي ملڪ جي حڪومت لاءِ ٺاهيل نظام جي تباهيءَ جو سبب بڻجي ويندي. مسلمان هر لحاظ کان هڪ مستقل قوم آهن ۽ انهن کي پنهنجو وطن، پنهنجو علائقو ۽ پنهنجي حڪومت حاصل هجڻ گهرجي.“

قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي خطاب ۾ قوميت جي وضاحت ڪندي وڌيڪ چيو تہ: ”هندو ۽ مسلمان بہ فرقا ڪونہ آهن، پر بہ قومون آهن. انهيءَ ڪري هندستان ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلا فرقيوارانا نہ پر عالمي نوعيت جا آهن. هندستان جا مسلمان آزادي چاهين ٿا، پر اهڙي آزادي نہ، جنهن ۾ هو هندن جا غلام بنجي وڃن، هتي مغربي جمهوريت ڪامياب نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ هندستان ۾ صرف هڪ قوم نٿي رهي. جيئن تہ هندو اڪثريت ۾ آهن انهيءَ ڪري

# دستورِ وطن

کھڙي بہ نوعيت جي آئيني تحفظ سان مسلمانن جي مفادن جي حفاظت نٿي ٿي سگھي. مسلمانن جي مفادن جو تحفظ صرف هن طرح ٿي سگھي ٿو تہ هندستان کي هندو ۽ مسلم انڊيا ۾ ورهايو وڃي. هندو مسلم مسئلي جو صرف اهو ئي حل آهي. جيڪڏهن ٻيو ڪو حل مڙهيو ويو تہ مسلمان اهو ڪنهن بہ حالت ۾ قبول ڪون ڪندا.“

تقرير جاري رکندي قائداعظم واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو تہ: ”اسلام هڪ مڪمل ضابطہ حيات آهي، جنهن کي هندومت ۾ ضم ڪري نٿو سگھجي.“ پاڻ وڌيڪ چيائين تہ: ”هندستان کي هڪ ملڪ جي بدران وڏو کنڊ چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ جاگرافيائي لحاظ کان هي علائقو تمام وڏو آهي ۽ هتي هڪ نہ پر ڪيترين ئي قومون آباد آهن.“ هن ملڪ لاءِ ڪوبہ آئيني منصوبو ان وقت تائين قابل عمل نہ ٿيندو ۽ نہ وري مسلمانن لاءِ قابل قبول هوندو، جيستائين ان جي ترتيب ۾ هيٺيون طريقو اختيار نہ ڪيو ويندو. جاگرافيائين حيثيت سان تعلق رکندڙ مختلف ايڪن جي اهڙي طرح وحدت قائم ڪجي، جو ضرورت وقت علائقائي ردو بدل سان اهڙي شڪل اختيار ڪن جو جن علائقن ۾ مسلمان عددي لحاظ کان اڪثريت ۾ آهن (جيئن اتر اولهہ ۽ اتر اوڀر وارن علائقن ۾) انهن کي گڏي آزاد مملڪت وجود ۾ آڻجي، جن ۾ شامل ٿيندڙ ايڪا خودمختيار ۽ آزاد



هوندا.“ قائداعظم نظريہ پاڪستان جي وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو تہ: ”هندن ۽ مسلمانن جو تعلق ٻن مختلف ۽ جدا فلسفن، معاشرتي رسم و رواج ۽ ادب سان آهي. اهي نہ هڪ ٻئي ۾ شاديون ڪري سگھن ٿا، نہ هڪ ٻئي سان گڏ کائين پيئن ٿا. سندن تعلق مختلف تهذيبن سان آهي، جي هڪ ٻئي جي ابتڙ نظرين ۾ تصورات تي قائم آهن. سندن قومي هيرا جدا آهن. سندن رزميہ داستان بہ مختلف آهن. عام طور هڪ قوم جنهن کي قومي هيرو ڪوني ٿي، ٻي قوم ان کي پنهنجو دشمن سڏي ٿي. انهن ٻنهي جدا قومن کي جيڪڏهن هڪ واحد ملڪ ۾ جڪڙيو ويندو تہ هڪ قوم عددي طور اقليت ۾ رهندي ۽ ٻي اڪثريت ۾، ان ڪري اختلاف وڌندا رهندا. قوم جي هر وصف جي لحاظ کان مسلمان هڪ قوم آهن. وٽن پنهنجو وطن، پنهنجو علائقو ۽ پنهنجي مملڪت هئڻ گھرجي.

○

# قرارداد پاڪستان:
# مسلمانن جي حقن جي ضمانت

حبدار علي



ننڍي کنڊ جي مسلمانن هندستان تي ست صديون حڪمراني ڪئي پر پوءِ انگريزن جڏهن مغل سلطنت جي اندرين ڪمزورين کي ڏسندي پهريان واپاري ڪوٺين وسيلي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي پليٽ فارم تان وسيلن کي سوگهو ڪيو ۽ پوءِ تلوارن، ڀالن ۽ ڍالن جي مقابلي ۾ بندوق ۽ توپ جي گولن سان لاشن جا ڍير ڪري سوني جهرڪي هندستان کي سوگهو ڪيو ته هُن سڀ کان پهريان هندو اڪثريت سياسي حمايت ڪئي جڏهن ته نوابن، جاگيردارن کي ملڪيتون ڏئي پنهنجو ڳيجهو ڪيو ته هندستان جي مسلمانن اندر آزاد وطن جو جوش جاڳيو جنهن جي چٽي مطالبي جي صورت 23 مارچ 1940ع تي آل انڊيا مسلم ليگ جي 27هين سالياني گڏجاڻيءَ ۾ پڌري ٿي جنهن لاءِ ڪُٺو مغل سلطنت جي اڳوڻي راڄڌاني لاهور کي چونڊيو ويو جنهن لاءِ منٽو پارڪ جي چونڊ ڪئي وئي ۽ جنهن جاءِ آزاد وطن پاڪستان جي گُهر ڪئي وئي اُتي اڄ مينار پاڪستان اوچو ڳاٽ ڪيون بيٺو آهي ۽ پاڪستانين سان گڏ دنيا واسين کي ٻڌائي رهيو آهي ته پاڪستان ڇاهه جي ضرورت ڇو پئي!؟

قائداعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ بنگال جي عيوضي مولانا ابوالقاسم فضل الحق اُها قرارداد پيش ڪئي

جا تاريخ ۾ سرڪاري طور ”قرارداد لاهور“ جي، جيڪا پوءِ 1946ع ۾ ”قرارداد دهلي“ ۽ ”قرارداد پاڪستان“ جي نانءُ سان مشهور ٿي.

”قرارداد لاهور“ جي تائيد يوپيءَ جي عيوضي چوڌري خليق الزمان پاران ڪئي وئي، اردو ترجمو مولانا ظفر علي خان ڪيو جڏهن ته خان اورنگزيب خان، سر عبدالله هارون، نواب اسماعيل خان، قاضي محمد عيسيٰ، بيگم مولانا محمد علي جوهر، آءِ آءِ چندريگر، مولانا عبدالحامد بدايوني ۽ ٻين مسلم اڪابرن ”نهراءُ“ جي حق ۾ مدلل تقريرون ڪيون.

### قرارداد لاهور:

1. قرارداد لاهور (Lahore Resolution) انگريزيءَ ۾ پيش ڪئي وئي جنهن جو اردو ترجمو مينار پاڪستان تي اُڪريل آهي جيڪو وفاقي اڪائين جي خودمختياريءَ کي پڌرو ڪري ٿو، اهو هن ريت آهي:
2. آئيني مسئلي تي آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل ۽ جنرل باڊيءَ جي اُنهن اُپائن جي تائيد ۽ توثيق ڪندي، جيڪي سنڌن 27 آگسٽ، 17، 18 سيپٽمبر، 22 آڪٽوبر 1939ع 3 فيبروري 1940ع جي ڏاهن ۾ چٽا ۽ پڌرا آهن. آل انڊيا مسلم ليگ جي هيءَ گڏجاڻي ان ڳالھ کي ٻيهر ورجائيندي زور ڏئي ٿي ته اُهو وفاقي منصوبو جنهن جو اظهار گورنمينٽ انڊيا ايڪٽ 1935ع ۾ ڪيو ويو آهي، انتهائي بيڪار، هن ملڪ جي خاص حالتن پٽاندڙ ناقابل عمل ۽ مسلم هندستان لاءِ صفا قبوليت جوڳو ناهي.
3. هن گڏجاڻيءَ جي اها حتمي راءِ آهي ته 18 آڪٽوبر 1930ع تي جيڪو اعلان وائسراءِ برطانوي راج پاران ڪيو هو، اُهو اِن حد تائين ته اطمينان بخش آهي ته جنهن منصوبي تي گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع ٻڌل آهي، ان تي هندستان جي مختلف جماعتن، مفادن ۽





فرقن جي صلاح سان ڀيهر ويچار ڪرڻ جو يقين ڏياريو ويو آهي پر مسلم هندستان تيستائين مطمئن نه ٿيندو جيستائين سڄي آئيني منصوبي تي نئين سر غور نٿو ڪيو وڃي ۽ اهڙو ڪو به نئون منصوبو مسلمانن لاءِ قبوليت جو ڳو نه هوندو جيستائين سندن راضپي ۽ منظوري سان مرتب نه ڪيو وڃي.

4. طئي ٿيو ته آل انڊيا مسلم ليگ جي گڏجاڻيءَ جي اِها نوس راءِ آهي ته ڪو به آئيني منصوبو هن ملڪ ۾ عمل جوڳو ۽ مسلمانن لاءِ قبوليت ڀريو نه هوندو جيستائين اِهو هيٺ ڏنل بُنيادي اصولن تي جوڙيو نه ويندو:

جاگرافيائي طور هڪ ٻئي سان گڏيل وحدتن جي حدبندي اهڙن خِطن ۾ ڪئي وڃي (مناسب علائقائي مٽاسٽا سان) جتي مسلمانن جي گهڻائي آهي مثال طور هندستان جا اتر اولهه ۽ اوڀريان حصا، انهن جي جوڙجڪ اهڙين ”آزاد رياستن“ جي صورت ۾ ڪئي وڃي جنهن ۾ سموريون وحدتون خودمختيار ۽ حاڪم هجن.

گڏوگڏ انهن وحدتن ۽ علائقن ۾ اقليتن جي مذهبي، ثقافتي، معاشي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي مناسب، ڪارائتي ۽ حڪمي تحفظ جي سندن مشاورت سان آئين ۾ تشريح ڪئي وڃي ۽ هندستان جي ٻين حصن جتي مسلمان اقليت يا گهٽتائيءَ ۾ آهن اُتي سندن ۽ ٻين اقليتن جي مذهبي، ثقافتي، معاشي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي مناسب، ڪارائتي ۽ حڪم نامي وسيلي تحفظ جي سندن مشوري سان دستور ۾ تشريح ڪئي وڃي.

وڌيڪ هيءَ گڏجاڻي جنرل باڊيءَ کي اِهو اختيار ٿي ڏئي ته هو انهن بنيادي اصولن موجب آئين جو هڪ اهڙو منصوبو مرتب ڪن جنهن پٽاندڙ ذڪر ڪيل علائقن کي آخرڪار سڀ اختيار ملي وڃن جهڙوڪ دفاع، پرڏيهي مامرا، ٽيلي ڪميونيڪيشن، روينيو ۽ ٻيا اهڙا مامرا جي ضروري ڄاتا وڃن.

”لاهور ٺهراءُ“ جي حمايت ۾ تائيد ڪندڙن جي تقريرن ۾ ”پاڪستان“ جو لفظ به ڪتب نه آندو ويو. هن ٺهراءُ کي رڳو ”هند جي ورهاڱي جو ٺهراءُ“ چيو ويو. پر سائنڻ امجدي بيگم (مولانا محمد علي جوهر جي گهرواري) پنهنجي تقرير ۾ ان کي ”پاڪستان جو ٺهراءُ“ چيو، سو به اِن ڪارڻ ته ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي شاگرد چوڌري رحمت عليءَ جي ڪوشش سان لفظ ”پاڪستان“ مشهور ٿي چڪو هو پر ڪانگريس جي هندو نواز پريس ٺوڪ ۾ چٽر ڪندي هن لفظ کي ايڏو اڇاريو جو اهوئي نالو هند جي مسلمانن جو نصب العين ۾ مقدر ٿي ويو.

جڏهن ”لاهور ٺهراءُ“ اخبارن ۾ پڌرو ٿيو ته مختلف سياسي ۽ صحافتي ڌرين پاران ان جون مختلف تعبيرون پيش ڪيون ويون. ان تي چِتي تنقيد به ٿي، مذاڪرا ۽ مباحثا به ٿيا ته جنڊا پٽ پڻ. سڀ کان وڏيڪ اعتراض لفظ ”رياستون“ (جمع جي صيغي ۾) جي استعمال تي ٿيا. سوال اٿاريو ويو ته قرارداد موجب هڪ مسلم رياست حاصل ڪرڻ مقصد آهي يا هڪ کان وڏيڪ ”مسلم رياستون.“ ان ڏس ۾ اڇوتن جي اڳواڻ ڊاڪٽر امبيڊڪر لکيو:

”هن ٺهراءُ ۾ جاگرافيائي طور تي هڪ ٻئي سان لڳو لڳ وحدتن جي حدبندي اهڙن علائقن ۾ ڪرڻ جي ڳُهر آهي جنهن ۾ سيئي وحدتون خودمختيار ۽ مقتدر هجن، شامل وحدتن جي ترڪيب مان ته چٽو ٿئي ٿو ته ”هڪ وفاق“ قائم ڪرڻ مقصود آهي، پر جي ائين ٿيو آهي ته انهن ”شامل وحدتن“ جي صفت طور لفظ ”مقتدر“ جو استعمال اجايو آهي. وحدتن جي وفاق ۽ وحدتن جي مقتدر هئڻ ۾ پڌرو تضاد آهي.

ڊاڪٽر وحيد الرحمٰن اِن اعتراض جي جواب ۾ لکيو:

”لاهور ٺهراءُ ۾ رڳو بنيادي اصول ڄاڻايو ويو هو، ان بنيادي اصول موجب تفصيل ۾ جُزا مرتب ڪرڻ جو جنرل باڊيءَ کي اختيار ڏني ته هوءَ انهن بنيادي اصولن مطابق آئين جو اهڙو منصوبو سهيڙي جنهن موجب ذڪر



ڪيل علائقن کي آخرڪار مڪمل اختيار ملي وڃي جهڙوڪ دفاع، پرڏيهي مامرا، ريونيوز ۽ ٻيا اهڙا مامرا جيڪي ضروري ڄاتا وڃن.

بهرحال مسلم ليگ، اڪابر، سياستدان، صحافي ۽ دانشور، "لاهور ٺهراءُ" تي اٿاريل اعتراض جو جواب دليل سان وقفي وقفي سان ڏيندا رهيا. پوءِ پاڪستان جو نالو سڄي مسلم ڀارت ۾ مسلمانن جي سڃاڻپ ٿي ويو ته اپريل 1941ع ۾ مدراس ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانيءَ ويهڪ ۾ "لاهور ٺهراءُ" جي متن کي آئين جو حصو ڪيو ويو ۽ چوڌري خليق الزمان چواڻي: "جڏهن اِهو آئين جو حصو ٿي ويو ته هڪ معمولي شوشي يا نقطي جي تبديليءَ لاءِ به مسلم ليگ جي عام گڏجاڻي سڏائي ويندي هئي."



مينار پاڪستان اِها ياد ڏياري ٿو ته قائداعظم هڪ بظاهر ناممڪن عمل کي مڪمل قانوني ۽ آئيني طريقي سان حاصل ڪندي هندستان جي نقشي تي پاڪستان قائم ڪيو جنهن کي سنڀالڻ هاڻ اسان جو ڪم آهي، ۽ اِهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن هر قسم جا اختلاف وساري ملڪ جي مضبوطي ۽ خوشحاليءَ لاءِ گڏيل رٿابنديءَ تحت عملي اڳڀرائي ڪئي وڃي

هيءَ ڳالهه به ڌيان جوڳي آهي ته مدراس جي ساليانيءَ ويهڪ ۾ قرارداد جي شق 3 جي آخري حصي ۾ آخري سٽن جي عبارت ۾ ترميم ڪري ان کي هن ريت ڪيو ويو:

"هندستان جي اتر اولهه ۽ اوڀر وارن پاڱن جي گڏيل تشڪيل مسلم آزاد قومي وطنن جي حيثيت سان اهڙين آزاد رياستن جي صورت ۾

ڪئي وڃي جن جون شامل وحدتون خودمختيار ۽ مقتدر هُجن.”

**دهلي ٺهراءُ ـ پاڪستان ٺهراءُ جي چٽي تشريح:**

هر قسم جي شڪ ۽ شهبي کي ختم ڪرڻ لاءِ ”لاهور ٺهراءُ“ جي وڌيڪ تشريح مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين جي مسلم ليگي چونڊيل ميمبرن جي اُن تاريخي ڪنوينشن ۾ ڪئي وئي جيڪو 9 اپريل 1946ع تي قائداعظم جي صدارت هيٺ ٿيو. ڪنوينشن ۾ هڪ مختصر قرارداد پيش ڪئي وئي جنهن کي ”لاهور ٺهراءُ. جو واڌارو سمجهڻ گهرجي. هن ٺهراءُ ۾ پڌري پٽ لکيو ويو: ”پاڪستان هڪ واحد مقتدر رياست هوندي.“ اها قرارداد بنگال جي عيوضي حسين شهيد سهروردي پيش ڪئي ۽ ”قرارداد لاهور“ نالي مشهور آهي.

مسلم ليگ جي تجويزن، قراردادن ۽ دستاويزن ۾ اهو پهريون سرڪاري دستاويز آهي، جنهن ۾ پهريون ڀيرو لفظ ”پاڪستان“ استعمال ڪيو ويو. ”قرارداد دهلي“ انگريزيءَ ۾ پيش ڪئي وئي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو:

”هندستان جي اتر اوڀر ۾ بنگال ۽ آسام ۽ اتر اولهہ ۾ پنجاب، سرحد (هاڻ خيبر پختونخواه) ۽ بلوچستان يعني پاڪستان جا علائقا جتي مسلمانن کي غالب اڪثريت حاصل آهي، اُتي واحد مقتدر آزاد مملڪت ٺاهي وڃي ۽ ان امر جو واضح اعلان ڪيو وڃي تہ پاڪستان جو قيام بنا دير عمل ۾ آندو وڃي.“

لاهور دهلي ٺهراءُ جو اهو مڪمل متن



مينار پاڪستان تي انگريزي، بنگالي ۽ اردوءَ ۾ لکيل آهي جيڪو ياد ٿو ڏياري تہ هڪ بظاهر ناممڪن عمل کي مڪمل قانوني ۽ آئيني طريقي سان حاصل ڪندي هندستان جي نقشي تي پاڪستان قائم ڪيو جنهن کي سنڀالڻ هاڻ اسان جو ڪم آهي، ۽ اِهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن هر قسم جا اختلاف وساري ملڪ جي مضبوطي ۽ خوشحاليءَ لاءِ گڏيل رٿابنديءَ تحت عملي اڳڀرائي ڪئي وڃي.

# 23 مارچ: پاڪستان جو نهراءُ ۽ پاڪستانيت

**فرح ناز**

23 مارچ 1940ع اُهو ڏينهن آهي جڏهن گڏيل هندستان ۾ آواز اٿيو تہ مسلمان اڪثريتي علائقن جي وفاق سان پاڪستان جوڙيو وڃي. ”پاڪستان“ جو لفظ هڪ ڌار مسلم وطن لاءِ سڀ کان پهرين 1933ع ۾ چوڌري رحمت عليءَ استعمال ڪيو جيڪو اُن وقت ڪيمبرج يونيورسٽي لنڊن جو شاگرد هو. هُن 28 جنوري 1933ع تي ”هاڻ يا ڪڏهن بہ نہ“ (Now or Never) نالي هڪ چوپڙي شايع ڪرائي، جنهن ۾ نہ رڳو ڌار مسلم وطن جي قيام جي تجويز پيش ڪئي وئي پر تجويز ڪيل مسلم وطن کي ”پاڪستان“ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو.

ان کانپوءِ هيءُ لفظ تيزيءَ سان مقبول ٿيندو ويو. گڏيل هندستان جي برطانوي راج جي هاڻوڪي اڪائين ۾ شامل سنڌ،



پنجاب، خيرپختونخوا، گلگت بلستان، ڪشمير، اڄوڪي بنگلاديش (پراڻي اتر بنگال، يوپي، سي پي، آسام، حيدرآباد دکن، راجسٿان جي اڪثريتي مسلم علائقن ۾ نه رڳو پاڪستان نالي تنظيمون قائم ٿيون پر ”پاڪستان“ جي نالي سان اخبارون ۽ رسالا به پڌرا ڪيا ويا. پهريون رسالو ”پاڪستان“ 1933ع ۾ چوڌري رحمت عليءَ ڪيمبرج (برطانيا) کان جاري ڪيو جيڪو ”پاڪستان قومي مووومينٽ“ جو ترجمان هو. جڏهن ته ايبٽ آباد سرحد (خيبرپختونخوا) منجهان جون 1936ع ۾ هفتيوار ”پاڪستان“ نڪتو جنهن جو ايڊيٽر سيد غلام حسين ڪاظمي هو. ”پاڪستان“ جي نالي سان ٻيو هفتيوار رسالو قانون ساز اسيمبليءَ ميمبر ۽ معروف صحافي ۽ شاعر مولانا محمد فاروق ديوانا گوکپوريءَ (پروفيسر مجنون گورکپوريءَ جي والد) جنوري 1939ع ۾ لکنؤ کان جاري ڪيو.

20 مئي 1939ع تي حيدرآباد دکن جي مسلم ليگ شاخ پاران هڪ ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ مولوي محمد فاروق ديوانا گورکپوريءَ بحيثيت صدر تقرير ڪندي چوڌري رحمت عليءَ جي اسڪيم تي روشني وڌي ۽ سندس تقرير دوران ٻڌندڙهر هر ”پاڪستان زنده باد“ جا نعرا بلند ڪندا رهيا. 1937ع ۾ پنجاب جي مولوي ابراهيم علي چشتيءَ ”تحريڪ خلافت پاڪستان“ شروع ڪئي ۽ ان حوالي سان هڪ اسڪيم پيش ڪئي. 17 آگسٽ 1937ع تي نواب احمد يار دولتانه پنهنجي هڪ مضمون ۾ اِهو خيال ظاهر ڪيو ته ڪانگريس جي پاليسيءَ جو نتيجو يقيني طور ”پاڪستان“ جي قيام جي صورت سامهون ايندو. سيپٽمبر 1937ع ۾ پنجاب مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن لاهور اعلان ڪيو ته اتر اولهه علائقن ۾ ”پاڪستان“ جي قيام لاءِ شاگرد جدوجهد ڪندا. جون 1948ع ۾ لاهور جي ڪجهه مسلم نوجوانن هڪ تنظيم ”مجلس ڪبير پاڪستان“ نالي قائم ڪئي. ان تنظيم جي ميمبرن خورشيد عالم (جهان گرد) خليق قريشي، عبدالحميد (نڪته رس)،





**23 مارچ يوم پاڪستان رڳو موڪل، ميلن ملاکڙن جو ڏينهن ناهي پر هر پاڪستانيءَ لاءِ نون چئلينجن سان منهن مقابلي ٿيڻ جو ڏينهن آهي. نئين دور جي تقاضائن سان هم آهنگ ٿيڻ جو ڏينهن آهي. هاڻ اسان کي گفتار نه پر ڪردار جا غازي ڪپڻ. !**

---

اصغر پٽي عليگ، محمد شفيع چوهان، احمد بشير (ڪامگار) ۽ ظفر علي گوندل اخبارن ۾ ليک لکي تجويز ڪيل مسلم وطن لاءِ ”پاڪستان“ جو لفظ ڪتب آندو. ”وري ٽائمز“ لنڊن جي هندستان جي عيوضيءَ ڊسمبر 1938ع ۾ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو ”هندستان جا مسلمان ”پاڪستان“ گُهرن ٿا. 29 جنوري 1939ع تي سنڌ جي سر عبدالله هارون پنهنجي تقرير ۾ آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس دوران چيو ته اسان کي پاڪستان کپي. ساڳي وائي پير علي محمد راشديءَ جي هئي، جڏهن ته سنڌ اسيمبليءَ کي اهو اعزاز مليو ته هن پهريون پيرو پاڪستان جي ٺهڻ جي قرارداد منظور ڪئي. 24 مارچ 1939ع تي ايم ايس طوسيءَ ”وادي پاڪستاني“ نالي ايسٽرن ٽائمز لاهور ۾ هڪ مضمون ۾ لکيو ته هندستان جي اُتر اولهه ۾ هڪ مسلم رياست پاڪستان قائم ٿيڻ گهرجي. 18 نومبر 1939ع تي راجا سر احد خان آف محمود آباد آسام صوبائي مسلم ليگ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته اسين پاڪستان چاهيون ٿا. ساڳيءَ ريت 30 جون 1939ع تي وائسراءِ لارڊ لنلٿگو کي قائداعظم اپيل ڪئي ته هُو هندستان جي عوام جي مرضيءَ خلاف انهن مٿان وفاقي دستور نه مڙهي نه ته مسلمان جيڪي اڳواٽ ئي ”پاڪستان“ بابت سوچي رهيا آهن، عليحدگيءَ تي مجبور ٿي پوندا جنهن جو يقيني مطلب هندستان جي اتحاد جي پڄاڻي هوندي.

ٻي مهاڀاري جنگ برطانيا جي معاشي چيلهه چٻي ڪري ڇڏي، تنهن ڪري شاهه برطانيا من مرضيءَ سان هندستان مان تڏا ويڙهه ڪئي ۽ تڙ تڪڙ ۾ هندستان جي ورهاڱي جو اعلان ڪري پنهنجي جند آجي ڪئي. 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان نالي مسلم رياست قائم ٿي جنهن جي ردعمل ۾ 10 لک جانين جو ٻليدان ڏيڻو پيو پر پوءِ تُرت مسلمان اقتدار جي نشي ۾ اهڙا اڙيا جو اڄوڪي ڏينهن تائين اِهو خمار جاري آهي.

# دستورِ وطن

رڳو 25 سالن اڳ اوير پاڪستان بنگلاديش ٿيو. جن بنگالين مسلم پاڪستان لاءِ مسلم ليگ ٺاهي تن کي وسيلن جي ورڇ ۾ پوئتي ڌڪيو ويو تہ ملڪ ٻہ اڌ ٿيو. 1970ع ڪانپوءِ اوير پاڪستان رڳو پاڪستان رهجي ويو پر گڏوگڏ پاڪستاني ۽ پاڪستانيت جي ڪٿ ٻہ تبديل ٿي سنڌ، پنجاب، بلوچستان، پختون خواه، گلگت بلستان، ڪشمير ٿي وئي، ”پاڪستاني“ رڳو سڃاڻپ ڪارڊ ۾ رهجي وئي ۽ ”پاڪستانيت“ رڳو ٻاهرين ملڪن تائين. وطن واسي سنڌي، مهاجر، پنجابي، سرائيڪي، پٺاڻ، بلوچي، براهوي، گلگتي بلتي ۽ ڪشميري ٿي ويا. عظيم اسلامي سلطنت جو خواب وسيلن جي ويڙهہ ۾ لڙهي ويو. اڄ 45 سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ اسين رڳو ڳالهين جا ڳهير آهيون. اڄ بہ هندستاني هندستان تي فخر ڪن ٿا، پٺاڻ افغانستان تي، پنجابي پنجاب تي؛ عملي طور اسين پاڪستاني معاشرو جوڙڻ نہ سگهاسين جنهن جو وڏو ڪارڻ بہ ٻہ پاڪستان آهن. هڪ اميرن جو مقتدر بااختيار پاڪستان، ٻيو اهوجهن مسڪينن جو پاڪستان. امير پاڪستانين جو مقدر حڪومت ۽ طاقت آهي تہ غريب پاڪستانين جي نصيب ۾ نعري بازي، جهمر ۽ ووٽ ڏيئي هُش تي خوش ٿيڻ. اسان پاڪستانين کي اِها ريت ختم ڪرڻي پوندي، هينئر وڌندڙ آباديءَ ڪارڻ وسيلا ڳُھٽندا پيا وڃن. هاڻ اسان کي پاڪستاني ٿي اجتماعي ڀلي واري سوچ کي هٿي ڏيڻي پوندي.

افسوسناڪ حقيقت هيءَ آهي تہ پاڪستان تہ ٺهي ويو پر قبائلي سوچ ۽ اجائي جي وفاداري نہ وئي. نسل پرستيءَ کان فرقيواريت ۽ لسانيت پرستيءَ تائين اسان کي ڪيتريون ئي بيماريون ڇُهتيل آهن جن مان جان آجي ڪرڻي پوندي.



23 مارچ يوم پاڪستان رڳو موڪل، ميلن ملاکڙن جو ڏينهن ناهي پر هر پاڪستانيءَ لاءِ نَون چئلينجن سان منهن مقابل ٿيڻ جو ڏينهن آهي. نئين دور جي تقاضائن سان هم آهنگ ٿيڻ جو ڏينهن آهي. هاڻ اسان کي گفتار نہ پر ڪردار جا غازي ڪپن.!■

# پاڪستان جو ٺهراءُ ۽ سنڌ جي متحرڪ سياسي قيادت

حبيب الرحمان چنو

23 مارچ 1940ع تي لاهور جي منٽو پارڪ موجوده اقبال پارڪ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ٽن ڏينهن واري ساليانيِ اجلاس جي پڄاڻيءَ تي پاڪستان جو تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو ويو هو ۽ ساڳي تاريخ سال 1956ع تي پاڪستان جو پهريون آئين منظور ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ دنيا جو پهريون اسلامي جمهوريہ ملڪ بڻيو. پاڪستان جي ٺهراءُ جي بنياد تي مسلم ليگ ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن لاءِ ڌار وطن حاصل ڪرڻ واري تحريڪ شروع ڪئي ۽ ستن سالن بعد پنهجو مطالبو مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿي. پاڪستان جي قيام لاءِ جدوجهد ۾ سنڌ صوبي بنيادي، اهم ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو، جنهن ڪري ان کي پاڪستان جو خالق بہ سڏيو ويندو آهي. سنڌ جي مسلمان اڳواڻن جي ڪوششن سان اپريل ۽ مئي 1938ع ۾ سنڌ جي صوبائي مسلم ليگ قائم ٿي، هن شاخ جو صدر شيخ عبدالمجيد سنڌي بمبئي وڃي قائداعظم سان ملي اجازت وٺي آيو. مسلم ليگ جي شاخ قائم



ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جلسا ٿيڻ لڳا. 10 آڪٽوبر 1938ع تي سنڌ مسلم ليگ پاران ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت قائداعظم محمد علي جناح ڪئي، ان کي ڪراچي ڪانفرنس سڏيو وڃي ٿو. ڪانفرنس دوران شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو، جيڪو پاس ڪيو ويو. ٺهراءُ ۾ واضح مطالبو ڪيو ويو هو تہ جن صوبن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، اتي مسلمانن جي حڪومت ٺاهي وڃي تہ جيئن ٻئي قومون جدا جدا آزاد حڪومتون قائم ڪري سگهن. ڪانفرنس ۾ قائداعظم يادگار تقرير ۾ چيو

تہ: ”مون کي يقين آهي تہ سنڌ صوبو هندوستان جي مسلمانن لاءِ هڪ نمونو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هتي جي مسلمانن وڏي بيداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي، جيڪڏهن اوهان پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو تہ اوهان جي صوبي جي مسلم ليگ کي حڪومت جون واڳون سنڀالڻ کان ڪابہ طاقت روڪي نٿي سگهي.“ هي ڪانفرنس تمام گهڻي ڪامياب ٿي،

ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ هندستان جي ورهاڱي جو بنياد رکيو ويو. انهيءَ ڪانپوءِ پاڪستان حاصل ڪرڻ واري جدوجهد شروع ٿي وئي. اهو مطالبو 1940ع واري آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ هڪ قرارداد ذريعي منظور ڪرايو ويو.

4 فيبروري 1940ع تي دهلي ۾ ٿيل مسلم ليگ جي مجلس عاملہ ۽ ڪائونسل جي گڏيل اجلاس ۾ مسلمانن جي ڌار وطن لاءِ سنجيدگيءَ سان غور ڪيو ويو. جيڪا تجويز مارچ ۾ لاهور ۾ ٿيل ساليانی اجلاس ۾ پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. 23 مارچ 1940ع تي قائداعظم محمد علي جناح جي صدارت هيٺ ٿيل 47 هين اجلاس ۾ قرارداد لاهور پيش ڪئي وئي، جيڪا بنگال جي وڏي وزير

مولوي ابوالقاسم فضل الحق پيش ڪئي، جنهن جي 24 مارچ 1940ع تي لاهور جي عام جلسي ۾ منظور ڏني وئي. يوپيءَ جي مسلم ليگي اڳواڻ چوڌري خليق الزمان، پنجاب مان مولانا ظفر علي خان، سرحد مان سردار اورنگزيب، سنڌ مان سر عبدالله هارون ۽ بلوچستان مان قاضي عيسيٰ ۽ ٻين ٿهراءَ جي حمايت ڪئي، جيڪا بعد ۾ قرارداد دهلي



سان شامل ٿيڻ بعد قرارداد پاڪستان جي نالي سان مشهور ٿي. انهيءَ ٺهراءُ ۾ مسلمانن جي عددي اڪثريت وارن علائقن جهڙوڪ هندوستان جي اتر اولهہ ۽ اتر اوڀر وارن علائقن کي گڏائي انهن ۾ آزاد رياستون قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو، جن ۾ شامل يونٽن کي خودمختياري حق حڪمراني حاصل هجي، انهن وحدتن ۽ خطن ۾ اقليتن



”مون کي يقين آهي ته سنڌ صوبو هندوستان جي مسلمانن لاءِ هڪ نمونو ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هتي جي مسلمانن وڏي بيداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي، جيڪا ٿهن اوهان پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو ته اوهان جي صوبي جي مسلم ليگ جي حڪومت جون واڳون سنڀالڻ کان ڪا به طاقت روڪي نٿي سگهي.“

(قائداعظم جو 10 آڪٽوبر 1938ع تي سنڌ مسلم ليگ جي اجلاس کي خطاب)

کي بہ مذهبي، ثقافتي، معاشي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جو مناسب ۽ موثر تحفظ حاصل هجي.

پاڪستان جي آزاديءَ واري جدوجهد دوران اهم مرحلي 3 مارچ 1943ع تي سنڌ جي قانونساز اسيمبليءَ پاڪستان جو ٺهراءُ منظور ڪيو، جنهن ۾ چيو ويو تہ هي ايوان سرڪار کي سفارش ڪري ٿو تہ هز ايڪسلينسي وائسراءِ جي معرفت هز مئجسٽيءَ جي سرڪار تائين هن صوبي جي مسلمانن جون خواهشون پهچايون وڃن. جيئن تہ هندستان جا مسلمان هڪ جدا قوم آهن، جن جو مذهب، فلسفو، سماجي رسمون، ادب، روايتون، سياسي ۽ اقتصادي نظريا بہ مختلف آهن، جيڪي هندن کان بلڪل مختلف آهن، تنهن ڪري کين حق پهچي ٿو تہ هڪ قوم ٿي رهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٺهراءَ اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو. رڳو ٽن ميمبرن مخالفت ڪئي، جن ۾ راءِ گوڪلداس ميولداس، ڊاڪٽر هيمنداس آر واڌواڻي ۽ مسٽر لولو مل آر موٽواڻي شامل آهن. آخرڪار سٽن سالن جي جدوجهد ڪانپوءِ 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان وجود ۾ آيو. سنڌ پاڪستان جو صوبو بڻجي وئي، هندوستان مان پاڪستان لڏي آيل مسلمانن جو وڏو حصو سنڌ جي شهرن ۾ آباد ٿيو ۽ هندن جو وچولو طبقو لڳ ڀڳ 10 لک جي تعداد ۾ هندستان لڏي هليو ويو.

هونئن تہ هندوستان ۾ مسلمانن جي ڌار رياست جي قيام جو واضح تصور ڪيترن ئي دانشورن، ڏاهن ۽ سياستدانن ڏنو آهي پر مارچ 1940ع ۾ مسلم ليگ جي اجلاس ۾ منظور

ڪيل ٺهراءُ ۾ ڊاڪٽر علامہ اقبال جون تمام گهڻيون ڪوششون هيون، جيڪي هن مئي 1936ع کان نومبر 1937ع جي عرصي ۾ قائداعظم محمد علي جناح سان ٽپال پنهنجي خط و ڪتابت ۾ ڪيون هيون. علامہ اقبال پنهنجي خطن ۾ قائداعظم تي زور ڀريو تہ هو هندستان ۾ مسلمان جي ڌار رياست جو مطالبو ڪري ۽ جلد کان جلد مسلم اڪثريتي علائقي لاهور ۾ مسلم ليگ جو اجلاس گهرائي. قائداعظم علامہ اقبال جي انهن خطن جو ذڪر ڪندي چيو تہ هن علامہ محمد اقبال جي انهيءَ تصور کي ان لاءِ قبول ڪيو هو تہ اهو سندس پنهنجي خيالن موجب هو. مطلب تہ هندستان جي مسلمانن جي حقن جي حفاظت ڪندي قائداعظم بہ انهيءَ نتيجي تي پهتو، جنهن طرف علامہ اقبال سندس ڌيان ڇڪايو. قائداعظم کي اندازو هو تہ مسلمان هندو اڪثريت جي ڏاڍ واري هندستان ۾ زندگي پرسڪون طريقي سان گذاري نہ سگهندا، انهيءَ ڪري هن مسلمانن لاءِ ڌار وطن جو مطالبو ڪيو تہ جيئن اهي ذات پات، ثقافت ۽ مذهب جي هندو تعصب کان پاڪ هوندا. ان کان اڳ علامہ اقبال 1930ع ۾ الہ آباد ۾ مسلم ليگ کي خطاب ۾ مسلمانن لاءِ هڪ ڌار وطن جو تصور پيش ڪيو هو، تڏهن کان انهيءَ خيال لکين مسلمانن جو دليون ڪٽي ورتيون هيون.

پاڪستان ۾ جهڙي ريت 14 آگسٽ تي آزاديءَ جي ڏهاڙي جو جشن ڀرپور نموني سان ملهايو ويندو آهي. اهڙي ريت 23 مارچ قرارداد پاڪستان جي ڏهاڙي تي بہ هر سال تقريبون منعقد ڪيون وينديون آهن. سرڪاري سطح تي عام موڪل ڪئي ويندي آهي. 23 مارچ





افسوسناڪ حقيقت هيءَ آهي ته پاڪستان ته ٺهي ويو پر قبائلي سوچ ۽ اجائي جي وفاداري نه وئي. نسل پرستيءَ کان فرقيواريت ۽ لسانيت پرستيءَ تائين اسان کي ڪيترين ئي بيمارين ڇُهتيل آهن جن مان جان آجي ڪرڻي پوندي.

تي وفاقي راڄڌانيءَ واري شهر اسلام آباد ۾ پاڪ فوج جي پريڊ واري مکيه تقريب منعقد ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ سياسي ۽ عسڪري قيادت شرڪت ڪندي آهي، جيڪا تمام وڏي اهميت رکي ٿي. ان ڪانسواءِ مختلف ملڪي اثاثن ۽ مختلف شين جي نمائش به ڪئي ويندي آهي، جنهن ڪري پريڊ جي موقعي تي سڄي ملڪ مان وڏي انگ ۾ ماڻهو شرڪت ڪن ٿا. هي ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ تياريون ڪيترائي ڏينهن پهريان شروع ٿي وينديون آهن. يوم پاڪستان فل ڊريس ريهرسل جي موقعي تي سيڪيورٽيءَ جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويندا آهن. پريڊ دوران پاڪ فوج جا ويڙهاڪ جهاز شاندار فلائي پاسٽ جو مظاهرو ڪن ٿا، ان ڪانسواءِ چئني صوبن، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جا ثقافتي رنگ به پريڊ ۾ نظر اچن ٿا. فنڪارن پاران لوڪ گيتن تي ثقافتي ڊانس به ڪئي ويندي آهي. عام طور تي 23 مارچ واري تقريب جو خاص مهمان پاڪستان جو صدر هوندو آهي پر ان ڪانسواءِ ٻين ملڪن مان به مهمانن کي دعوت ڏني ويندي آهي، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا سفارتڪار هن تقريب ۾ شرڪت ڪري فوجي پريڊ ڏسڻ ايندا آهن ۽ پاڪستان جي علائقائي ثقافتي سرگرمين مان لطف اندوز ٿيندا آهن.

# پاڪستان جي ساپيان لاءِ سنڌ جو ڪردار

امام ڏنو



سنڌ کي جڏهن انگريزن پنهنجي قبضي ۾ آندو ته گاديءَ جو هنڌ ڪراچيءَ کي مقرر ڪيو جنهن جي اهم بندرگاهه کي ڏسي ڪري ئي شاطر انگريز پروڙي ورتو ته هيءُ وڏو بندرگاهه ٿي سگهي ٿو. پوءِ مقامي هندن، پارسين ۽ مسلمانن سان ملي ڪري ڪراچيءَ کي ايشيا جي پيرس جو پد ڏئي ايڏو ته سهڻو ڪيو جو فاتح سنڌ چارلس نيپئر ڪان به رڙ نڪري وئي.

وري جڏهن آزاد وطن پاڪستان جو سوجهرو 14 آگسٽ تي ٿيو ته دنيا جي عظيم مسلم رياست مشرقي ۽ مغربي پاڪستان جي راڄڌاني قائداعظم جي جنم ڀومي ڪراچيءَ





پاڪستان سنڌ جو تحفو آهي. مجڻ مراد ٿيندي ته قائداعظم محمد علي جناح سنڌي گجراتي هو، جنهن بنا رتوڇاڻ پاڪستان جي قانوني ويڙهه کٽي هندستان جو نقشو بدلائي ڇڏيو، پر پوءِ هندن ۽ سکن جي قتلام کان جان بچائي ايندڙ مسلمان پائرن کي به سپ کان وڏيڪ سنڌ واسين پليڪار چيو.

ٿي. سنڌ سرڪار جو دارالحڪومت حيدرآباد منتقل ٿيو. جنهن کي تبديل ڪري پنجاب ۽ خيبرپختونخواه جي وچ ۾ جابلو ماٿريءَ تي اسلام آباد نالي نئون دارالحڪومت ڪيو ويو ته سنڌ سرڪار جو گاديءَ وارو هنڌ ڪراچيءَ کي مقرر ڪيو ويو.

پاڪستان جي خواب جي ساپيان کي تعبير ڏيڻ ڪرڻ ۾ سنڌ کي اِهو اعزاز حاصل آهي ته هُن ميٺ محبت جو شانائتو ڪردار ادا ڪندي نئين سرڪار کي پنهنجو الهه تلهه ارپي ڇڏيو، پيو اِهو ته هڪ سنڌ واسي محمد علي جناح پاڪستان حاصل ڪري ڏنو، جنهن ۾ ڪنهن به ٻوليءَ سان ڪروڙ جي لِک به نه هُئي. هن لاءِ پاڪستانين لاءِ اظهار جي عوامي ٻولي اردو اُن ڪري رهي جو مسلم هندستان ۽ هندو هندستان ۾ اردو ۽ هندي مذهبي بنياد تي اڀري آيون. اردو ئي هندستان جي 500 کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهائيندڙن کي پاڪر ۾ پريو. انگريزيءَ وانگر رابطي جي ٻولي مسلمانن لاءِ اردو ۽ هندن لاءِ هندي ٿي پئي ته نئين وفاق ۾ به سيني اڪائين وچ ۾ اردوءَ پُل جو ڪردار ادا ڪيو جيڪو اڄ سوڌو ادا ڪندي پئي اچي. چو ته اردوءَ جي ماءُ فارسي، ترڪي، عربي آهي جنهن جون پاڙون هر ٻوليءَ ۾ کُتل آهن.

پاڪستان سنڌ جو تحفو آهي. مجڻ مراد ٿيندي ته قائداعظم محمد علي جناح سنڌي گجراتي هو، جنهن بنا رتوڇاڻ پاڪستان جي قانوني ويڙهه کٽي هندستان جو نقشو بدلائي ڇڏيو، پر پوءِ هندن ۽ سکن جي قتلام کان جان بچائي ايندڙ مسلمان پائرن کي به سپ کان وڏيڪ سنڌ واسين پليڪار چيو.

هڪ سنڌيءَ جي سوڪڙي پاڪستان بنگلاديش جي صورت ۾ به اڌ ٿيو ته بچيل وفاق کي قائم دائم رکڻ وارو به سنڌي صدر ۽ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو هو جنهن نه رڳو اسان کي ايٽمي طاقت ڏني پر فخر ايشيا طور

**هن ملڪ جا سيئي ادارا احترام جوڳا آهن. تنقيد هر ڪنهن جو حق آهي، پر اِهو حق ڪنهن کي به حاصل ناهي ته هُو تاريخ کي مسخ ڪري. سنڌ، پنجاب، بلوچستان، پختونخواه، گلگت بلستان ۽ ڪشمير واسي پاڪستان جي وفاق وسيلي ئي جيئرا رهي سگهن ٿا.**

---

سڄي پاڪستان جي عوام تي پرڏيهي ويزا جا در کولي ڇڏيا. مزدورن جي حقن لاءِ 8 ڪلاڪن جي مقرر ڊيوٽي ۽ ويج بورڊ ايوارڊ جهڙا اُپاءَ وٺندي سياست کي ڊرائنگ روم مان ڪڍي عوام ۾ آندو. نه ته جهڙيءَ ريت هندستان اسان کان اوپر پاڪستان ڦبايو تهڙيءَ ريت هيءَ اڪائي به هتان هلي وڃي ها، چو ته بن ايٽمي طاقتن وچ ۾ ويڙهه هاڻي ايڏي سولي ناهي جو ٻٽڻ ڊبائڻ سان سپ ڏُڦ ٿي وڃي.

سابق صدر آصف علي زرداري کي وري اِهو اعزاز مليو ته محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت بعد جڏهن وڏي انتشار جو خدشو هو تڏهن هُن چيو ته ”اسان کي پاڪستان کپي!“

پي پي پي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداريءَ تي ميڊيا پاران جا ’جُلهه ٿيندي






**قائداعظم کان وٺي قائدعوام ذوالفقار علي ڀٽو تائين، سنڌراڻي شهيد محترمه بينظير ڀٽو کان ضمير جي قيدي سابق صدر آصف علي زرداريءَ تائين سنڌين پاڪستان کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي.**

رهندي آهي، تنهن کي کلي برداشت ڪرڻ هڪ دانشور جو ئي ڪم آهي. ساڳي جُلهه بلاول ڀٽو زرداريءَ تي به ٿئي پئي. ريٽنگ ميڊيا کي پاڪستانين جي رڳن ۾ ٻوڙندڙ اُن انسان دوستيءَ جي پروڙ ناهي جيڪا ڪراچيءَ کان ڪشمير تائين ميٺ محبت ۾ جرڪي پئي. سنڌ جي لطيفي دُعا هڪ ئي آهي:

سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مِٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

1970ع کانپوءِ نئين پاڪستان جي پيڙهه ڀٽو ازم وڌي جنهن کي چورائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي وئي پر اِها سابق صدر آصف علي زرداريءَ جي دانشمندي چئبي جو هُن ”نيا پاڪستان“ جي شوشي تي بند ٻڌو.

ميڊيا جي فالٽ لائن اِها آهي ته هُوءَ عوام جي ڏکن ڏوجهرن کي هاءِ لائٽ نٿي ڪري، رڳو سياستدانن جي ڪردار ڪُشيءَ ۾ پوري آهي. اهڙي ڪار ۾ ڪا ته دانشمندي آهي جو سنڌ پاڪستان ۾ پي پي پيءَ جو ووٽ بينڪ برقرار آهي. وفاق جي علامت پي پي پي ئي نون ليگ سان ملي ڪري پاڪستان بچائي ورتو آهي. هن ملڪ جا سڀئي ادارا احترام جوڳا آهن. تنقيد هر ڪنهن جو حق آهي، پر اِهو حق ڪنهن کي به حاصل ناهي ته هُو تاريخ کي مسخ ڪري. سنڌ، پنجاب، بلوچستان، پختونخواهه، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير واسي پاڪستان جي وفاق وسيلي ئي جيئرا رهي سگهن ٿا. پاڙيسري ملڪن سان دوستاڻن ناتن جي رسم به پي پي پي جي سوکڙي آهي، ڀٽي صاحب نه رڳو ”اسلامي بلاڪ“ جو سڏ ڏنو پر چين جهڙي طاقتور ملڪ سان هماليه جهڙي سگهاري دوستي جوڙي، انهيءَ تسلسل ۾ ايران، سعودي عرب ۽ چين اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا آهن سا به مهرباني ڀٽو ازم جي آهي. ڀٽو ازم جي فلاسافي ئي اڄوڪي عوامي سياست جو مقبول تعارف آهي.

اُها سنڌياڻي بينظير ڀٽو ئي هئي جنهن

وطن تان جان فدا ڪئي پر عوام ۽ وطن کان منهن نہ موڙيو. اُها ئي سنڌياڻي هئي جنهن ويمن بينڪ سميت عورتن کي اڪيچار حق ڏنا.

قائداعظم کان وٺي قائدعوام ذوالفقار علي ڀٽو تائين، سنڌڙاڻي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کان ضمير جي قيدي سابق صدر آصف علي زرداريءَ تائين سنڌين پاڪستان کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي.

پي پي پي سنڌ سرڪار جي هاڪ هاڻي ادبي ۽ ثقافتي ميلن ملاڪڙن وسيلي پوري پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ پکڙجي رهي آهي. اِها قيادت بہ سنڌ جي راڄ ڌاني شهر ڪراچيءَ جي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان، ڪراچيءَ کي ملي جتان پاڪستان لٽريچر فيسٽول جي قافلي لاهور اُڏام ڪئي، اڳتي قدم دبئي، ڪئينيڊا، آمريڪا ڏي آهن. سنڌ ۾ رهندڙن اردو، سنڌي، بلوچي، سرائيڪي، گجراتي، ميمڻي، پشتون، پنجابين کي عالمي اردو ڪانفرنس وسيلي هڪ پليٽ فارم تي آندو تنهن جو ڪريڊٽ بہ پي پي پي سنڌ سرڪار کي ڏجي جنهن اُجڙيل ۽ ويران ڪراچي آرٽس ڪائونسل تي هٿ رکي ڪيس رنگن جو گلدستو بڻائي ڇڏيو.

23 مارچ من مان ڪدورت ڪڍي دل جي سچائيءَ سان هيءَ حقيقت مڃڻ جو ڏينهن آهي تہ پاڪستان ناهي تہ ڪجهہ بہ ناهي.

پاڪستان زنده باد. ■

## انگريزن خلاف پهرين بغاوت

**لعل بخش سولنگي**



96- 1895ع ۾ پير صاحب پاڳارو اول سنڌ ۾ انگريزن خلاف بغاوت جو اعلان ڪري آزاديءَ جي ويڙهاند ۾ ڪوڏي پيو. اها حُرن جي انگريزن خلاف پهرين بغاوت هئي. انگريزن خلاف اعلانيل انهيءَ تحريڪ انگريزن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. ٻچو خاصخيلي پنهنجي ساٿي پير بخش وساڻ ۽ ٻين ساٿين سان گڏجي مکي ٻيلي کي مرڪز بنائي انگريزن خلاف هٿياربند ڪارروايون ڪرڻ لڳو. انگريزن خلاف حرن جي آزاديءَ جي تحريڪ 13 سال هلندي رهي، جنهن انگريزن جون متيون منجهائي ڇڏيون. انگريزن آزاديءَ جي هن تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ بي پناهہ طاقت ۽ قوت جو استعمال ڪيو. جديد هٿيارن ۽ جاسوسيءَ جي نيٽ ورڪ جو استعمال ڪندي تحريڪ جي سرگرم اڳواڻن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ بند ڪيو ۽ سندن زرعي زمينون ضبط ڪري. حُرن کي لوڙهن ۾ قيد ڪري رکيو ويو. ■

# 23 مارچ 1940 جو ٺهراءُ
# نئين ملڪ جي آزادي جو بنياد

**الھ بخش راٺوڙ**



آزادي اهڙو ميوو آهي، جيڪو انتهائي ميٺاج وارو ٿيندو آهي، جيڪڏهن گڏيل آزادي جو تصور هجي ته ان کان وڌيڪ خوبصورت ڳالهه ٿي نٿي سگهي، ننڍي کنڊ جي مسلمانن به گڏيل طور الڳ ديس جي ڳالهه ڪئي ۽ ان کي ساڀيان ڪيو، ان خواب جي ساڀيان ۾ آساني انگريز سرڪار پاڻ پيدا ڪئي، جيڪا عالمي جنگين جي ڪري ڏٻري ٿي وئي هئي. ٻي عالمي جنگ اصل انگريزي سلطنت جي زوال جي شروعات هئي، هي جنگ جيڪا 1939 کان 1945 تائين جاري رهي، ان دوران دنيا جا تمام گهڻا ملڪ برطانوي راج کان آزاد ٿيا، ننڍي کنڊ جي آزادي لاءِ ان کان اڳ ئي جدوجهد شروع ٿي ۽ 1945 آزادي جي ويجهڙائي وارو سال هو. ڪانگريس جڏهن ڏٺو ته انگريز ٻي مهاڀاري لڙائي جي ڪري مشڪل ۾ ڦاٿل آهي ته حالتن مان فائدو وٺندي هندستان کي آزاد ڪرائڻ جي جدوجهد تيز ڪري ڇڏي. مسلمان ڪانگريسي وزارت واري دور ۾ ٿيل ظلم ۽ زيادتين کان بخوبي واقف هئا. تنهن ڪري هو ڪنهن به صورت ۾ انهي لاءِ تيار نه هئا ته انگريز وڃڻ وقت اقتدار انهن جي حوالي ڪري وڃن، تنهن ڪري مسلم ليگ مارچ 1940ع ۾ اجلاس سڏايو ته جيئن مستقبل جي حڪمت عملي ناهي وڃي، مسلمانن اهو بخوبي ڄاتو ٿي ته ڪانگريسي

راج سان مسلمانن جي تهذيب، ثقافت، تاريخ، ٻولي ۽ مذهبي قدرن ايستائين جو هتان جي رهواسين جي الڳ وجود جو به خاتمو ٿي ويندو. ان ڪري 23 مارچ 1940ع جو ڏينهن پاڪ-هند جي تاريخ جو هڪ اهم ڏينهن آهي، ڇاڪاڻ ته انهي ڏينهن تي هندستان جي مسلمانن پهريون ڀيرو باقاعدي پنهنجي لاءِ ڌار وطن جو مطالبو ڪيو.

22 مارچ 1940ع تي لاهور جي مشهور منٽو پارڪ ۾ جنهن کي اڄڪلهه اقبال پارڪ جو نالو ڏنو ويو آهي، آل انڊيا مسلم ليگ جو 3 ڏينهن وارو ساليانو اجلاس شروع ٿيو. جنهن ۾ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ کان 50 هزارن کان به وڌيڪ نمائندن شرڪت ڪئي ۽ ان اجلاس جي صدارت قائد اعظم محمد علي جناح ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي، قائد اعظم محمد علي جناح واضح طور قوميت جي وضاحت ڪندي چيو ته ”هندو ۽ مسلمان به فرقا نه ، پر به قومون آهن. انهيءَ ڪري هندستان ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلا فرقيوارانا نه پر عالمي نوعيت جا آهن. هندستان جا مسلمان آزادي چاهين ٿا، پر اهڙي آزادي نه، جنهن ۾ هو ڪنهن جا غلام بنجي وڃن. هتي اولهه جي طرز جي جمهوريت ڪامياب نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته هندستان ۾ صرف هڪ قوم نٿي رهي. جيئن ته هندو اڪثريت ۾ آهن، ان جي ڪري ڪنهن به آئيني تحفظ سان مسلمانن جي مفادن جي حفاظت نٿي ٿي سگهي. مسلمانن جي مفادن جو تحفظ صرف هن طرح ٿي سگهي ٿو ته هندستان کي هندو ۽ مسلم انڊيا ۾ ورهايو وڃي. هندو -مسلم مسئلي جو صرف اهوئي حل آهي. جيڪڏهن ٻيو ڪو حل مڙهيو ويو ته مسلمان اهو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا.“

تقرير جاري رکندي قائد اعظم واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته ”اسلام هڪ مڪمل ضابطهِ حيات آهي، جنهن کي هندومت ۾ ضم ڪري نٿو سگهجي.“ پاڻ وڌيڪ چيائين ته ”هندستان کي هڪ ملڪ جي بدران وڏو کنڊ چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو، ڇاڪاڻ ته جاگرافيائي لحاظ کان هي علائقو تمام وڏو آهي ۽ هتي هڪ نه پر ڪيترين ئي قومون آباد آهن.“ ”هن ملڪ لاءِ ڪو به آئيني منصوبو ان وقت تائين قابل عمل نه ٿيندو ۽ نه وري مسلمانن لاءِ قابل قبول هوندو، جيستائين ان جي ترتيب ۾ هيٺيون طريقو اختيار نه ڪيو ويندو.“ ”جاگرافيائي حيثيت سان تعلق رکندڙ مختلف ايڪن جي اهڙي طرح وحدت قائم ڪجي، جو ضرورت وقت علائقائي تبديلي سان اهڙي شڪل اختيار ڪن جو جن علائقن ۾ مسلمان عددي اعتبار کان اڪثريت ۾ آهن (جيئن اتر اولهه ۽ اتر اوڀر وارن علائقن ۾) انهن کي گڏي آزاد ملڪ وجود ۾ آڻجي، جنهن ۾ شامل ٿيندڙ رياستون خودمختيار ۽ آزاد هونديون.“

# دستورِ وطن

